# فيضانِ صدرُ الشّريعه رَحمَۃُ اللہِ تعَالٰی عَلَیْه

هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سنتن ڀريو بيان



اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# فيضانِ صَدرُالشَّريعه رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰی عَلَيْه

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ

(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي نفلي اعتڪاف جي نيّت ڪري وٺندا ڪيو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ نفلي اعتڪاف جو ثواب حاصل ٿيندو رهندو ۽ ضمنًا مسجد ۾ کائڻ پيئڻ بہ جائز ٿي ويندو.

## دُرود شريف جي فضيلت

جنهن مون تي هڪ ڀيرو درودِ پاڪ پڙهيو، الله عَزَّوَجَلَّ ان تي ڏهہ (10) رحمتون نازل فرمائيندو آهي ۽ جيڪو مون تي ڏهہ (10) ڀيرا دُرودِ پاڪ پڙهي، الله عَزَّوَجَلَّ ان تي سو (100) رحمتون نازل فرمائيندو آهي ۽ جيڪو مون تي سو (100) ڀيرا دُرودِ پاڪ پڙهي الله عَزَّوَجَلَّ ان جي ٻنهي اکين جي درميان لکي ڇڏيندو آهي تہ هي نفاق ۽ جهنم جي باهہ کان آزاد آهي ۽ ان کي بروزِ قيامت شهيدن سان گڏ رکندو.

(معجم اوسط:٥/٢٥٢، حديث: ٧٢٣٥، ضياءِ درودوسلام،ص:٣)



www.dawateislami.net

پڑھتا رہوں کثرت سے دُرُود ان پہ سَدا میں
اور ذِکر کا بھی شوق پئے غوث و رضا دے
(وسائل بخشش ص ۱۱۸)

صَلُّوا عَلَي الْحَبِيْب! صَلَّي اللّٰهُ تَعالٰي عَلٰي مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نيتون ڪري وٺون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّي اللّٰهُ تَعَالٰي عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ”نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ“يعني مسلمان جي نيت ان جي عمل کان بهتر آهي.[1]

**ٻه مدني گل:** (1) بغير سٺي نيت جي ڪنهن به نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو (2) جيتريون سٺيون نيتون وڌيڪ، اوترو ثواب به وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نيّتون

❁ نگاهون جهڪائي پوري توجهه سان بيان ٻڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وچائي ويهندس ❁ ضرورت پوڻ تي سوڙهو يا سِرڪي ٻين جي لاءِ جاءِ ڪشاده ڪندس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو ته صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اَٽڪڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذْكُرُوالله تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي (يعني دلداري) جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

[1] (المعجم الكبير للطبراني، باب السين،سهل بن سعد الساعدى الحديث: 5942، ج 6، ص 185)



www.dawateislami.net

صَـلُّوا عَلَي الْـحَبِيْب! صَلَّي اللهُ تَعالٰي عَلٰي مُـحَـمَّد

## بيان ڪرڻ جون نيّتون

مان بہ نيت ڪيان ٿو ❁ الله جي رضا حاصل ڪرڻ ۽ ثواب حاصل ڪرڻ جي لاءِ بيان ڪندس ❁ ڏسي بيان ڪندس ❁ سيپاري 14 سورة النحل آيت نمبر 125: اُدْعُ اِلٰى سَبِيْلِ رَبِّكَ بِالْحِكْمَةِ وَ الْمَوْعِظَةِ الْحَسَنَةِ "ترجمو ڪنزالايمان: پنهنجي ربّ جي واٽ جي طرف سڏ پڪي سمجھ ۽ چڱي نصيحت سان" ۽ بخاري شريف (حديث: 4361) جي هن فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: بَلِّغُوْا عَنِّيْ وَلَوْ آيَة[1] يعني "منهنجي طرفان پهچايو جيتوڻيڪ هڪ ئي آيت هجي" ۾ ڏنل احڪام جي پيروي ڪندس ❁ نيڪي جو حڪم ڏيندس ۽ بُرائي کان منع ڪندس ❁ شعر پڙهڻ، عربي، انگريزي ۽ ڏکيا لفظ ڳالهائڻ دؤران دل جي اخلاص تي توجُّه رکندس يعني پنهنجي علم جو رُعب ويهارڻ مقصود ٿيو تہ ڳالهائڻ کان بچندس ❁ مدني قافلي، مدني انعامات ۽ علاقائي دوره براءِ نيڪي جي دعوت وغيره جي رغبت ڏياريندس ❁ ٺهڪ ڏيڻ ۽ ڏيارڻ کان بچندس ❁ نظر جي حفاظت بٹائڻ جي خاطر حتي الامڪان نگاهون جهڪائي رکندس. صَلَّي اللّٰهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَـلُّوا عَلَي الْـحَبِيْب! صَلَّي اللهُ تَعالٰي عَلٰي مُـحَـمَّد

[1] ...بخارى، كتاب احاديث الانبياء،باب ماذكر عن بنى اسرائيل،462/2،حديث:3461



www.dawateislami.net

## هڪ حاضري رهجي وئي!

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ماهِ شَوّالُ المُڪَرَّم پنهنجي رَحمتن ۽ بَرڪتن جي بهار لٽائيندو اختتام جي طرف وڌي رهيو آهي ۽ ان کان پوءِ ماهِ ذُوالقَعدةُ الحرام جي آمد آمد آهي. هي اهو مُبارَڪ مهينو آهي، جنهن جي ٻين رات دُنياءِ سُنيت جا عظيم پيشوا، سُنين جا رَهبَر ۽ رَهنما، آسمانِ رَضويت جا چمڪندڙ ستارا، خليفهء اَعليٰ حضرت، مُصنِّفِ بهارِشريعت، صَدرُالشَّريعه، بدرُ الطّريقه حضرتِ علامه مفتي اَمجد علي اعظمي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْغَنِی جن هن فاني دنيا مان لاڏاڻو فرمايو. يعني 2 ذُوالقَعدةُ الحرام تي سندن عرس مبارڪ آهي، اچو تہ! انهيءَ نسبت سان صَدرُالشَّريعه رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي مبارڪ زندگي جي مختلف گوشن جا پيارو ذڪر ٻُڌون ٿا. سڀ کان پهريان نهايت ايمان اَفروز حڪايت ٻُڌون ٿا، جيئن تہ

حضرت صَدرُالشَّريعه، مُفتي امجد علي اعظمي رَحْمَةُ اللّٰه تَعَالٰى عَلَيْه اجمير شريف ۾ هڪ ڀيري شديد بُخار ۾ مُبتَلا ٿي ويا، ايستائين جو غَشي طاري ٿي وئي. ٻنپهرن کان پهريان غَشي طاري ٿي ۽ عَصر تائين رهي. حافِظِ ملّت مولانا عبدُالعزيز رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه خدمت جي لاءِ حاضِر ٿيا، صدرُ الشَّريعه، بَدرُ الطّريقه رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه کي جڏهن هوش آيو تہ سڀ کان پهريان هي پڇيائون: ڇا وقت ٿيو آهي؟ ظُهر جو وَقت آهي يا نہ؟ حافِظِ ملّت رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه جن عرض ڪيو تہ هي ٽائم ٿيو آهي، هاڻي ظُهر جو وَقت ناهي. هي ٻڌي ڪري ايتري تڪليف پهتي جو اکين مان لڙڪ جاري ٿي ويا .حافِظ ملّت رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه جن پڇيو: ڇا توهان کي ڪٿي سُور آهي، ڪٿي تڪليف آهي؟ فرمايائون: (تمام وڏي) تڪليف آهي تہ...... ظُهر



www.dawateislami.net

جي نَماز قَضاء ٿي وئي." حافِظ ملّت رَحمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه جن عرض ڪيو: توهان بيهوش هئا، بيهوشي جي حالت ۾ نَماز قَضا ٿيڻ تي قيامت ۾ پڇا ڳاڇا ناهي. فرمايائون: توهان پڇا ڳاڇا جي ڳالهہ ڪري رهيا آهيو، مقرر وقت تي دَربارِ الٰهي عَزَّوَجَلَّ جي هڪ حاضري ڪان تہ محروم رهيس.

(تذڪرہ صدر الشريعہ، ص:٣٠)

## باجماعت نماز جو جَذبو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! توهان ڏٺو تہ صَدرُ الشريعہ رَحمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه نماز جا ڪيتري قَدَر پابند ۽ نماز سان ڪيڏي نہ مَحَبَّت فرمائڻ وارا هئا جو شريعت جي طرف ڪان رُخصت جي باوُجُود بہ بيهوشي جي حالت ۾ نَماز ڇڏجڻ تي ايتري قَدر ڏک ۽ صدمو ٿيو جو مبارڪ اکين مان لڙڪ نڪري آيا. الله عَزَّوَجَلَّ انهن جي صدقي اسان کي بہ نمازن سان مَحَبَّت ۽ عِبادت جي لَذّت نصيب فرمائي. حضرتِ صدرُالشريعہ، بَدرُ الطريقہ مفتي محمد اَمجد علي اعظمي رَحمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه ان تي (بہ) تمام سختي سان پابند هئا جو مسجد ۾ حاضِر ٿي ڪري باجماعت نماز پڙهن. بلڪ جيڪڏهن ڪنهن وَجه سان مُؤذِّن صاحِب مُقرَّروَقت تي نہ پهچندا هئا تہ خُود اَذان ڏيندا هئا. قديم (پراڻي) مڪانِ عاليشان ڪان مسجد بلڪل قريب هئي اتي ڪا بہ ڏکيائي نہ هئي پر جڏهن نئين مڪانِ عاليشان قادِري منزل ۾ رِهائش پَذير ٿيا تہ آس پاس ۾ بہ مسجدون هيون. هڪ بازار جي مسجد ٻي وڏي ڀاءُ جي گهر جي پرسان جيڪا ''نوّاڪي مسجد'' جي نالي سان مشهور آهي. هي ٻئي مسجدون فاصلي تي هيون. ان وَقت بينائي (نظر) بہ ڪمزور ٿي چڪي هئي، بازار



www.dawateislami.net

واري مسجد ڪجهه ويجهي هئي پر رستي ۾ ٻي جوڙ ناليون هيون. تنهن لاءِ ’’نوّاڪي مسجد‘‘ نماز پڙهڻ ايندا هئا. هڪ ڀيري ايئن ٿيو جو صُبح جي نَمازجي لاءِ وڃي رهيا هئا، رستي ۾ هڪ کُوه هو، اجا ڪجهه اونداهي هئي ۽ رستو بہ خراب هو، بي خَيالي ۾ کُوه تي چڙهي ويا، عنقريب کُوه ۾ پير هلي وڃي ها. ايتري ۾ هڪ عورت اچي وئي ۽ زور سان رڙيون ڪرڻ لڳي! ”اڙي مولوي صاحِب کُوه آهي رُڪجي وڃو! نہ تہ کوه ۾ ڪِري پوندؤ!“ هي ٻڌي ڪري پاڻ رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ قَدم روڪي ورتو ۽ پوءِ کُوه تان لهي ڪري مسجد ويا. ان جي باوجود مسجد جي حاضري نہ ڇڏي. (تذڪرہء صدر الشريعہ،ص:۳۱)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! توهان ڏٺو تہ صَدرُالشريعہ رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ کي نمازِ باجماعت اَدا ڪرڻ جو ڪيترو جَذبو حاصل هو جو وڏي عمر ۾ جڏهن تہ بينائي (نظر) بہ ڪافي ڪمزور ٿي چڪي هئي، ايتري قَدَر مَشَقَّت جي باوُجود نمازِ باجماعت اَدا فرمائڻ جي لاءِ مسجد ۾ حاضر ٿيندا هئا. پر افسوس! ڪيترائي مُسلمان فقط سُستي، غَفلَت، معمولي پريشاني ۽ بيماري جي حالت ۾ نمازِ باجماعت ڇڏي ڏيندا آهن، تنهنڪري اسان بہ گهرجي تہ پنج وقت نمازِ باجماعت اَدا ڪرڻ جي پابندي ڪريون جو مسجد ۾ نماز لاءِ وڃڻ واري جا گناهہ معاف ٿيندا آهن، جيڪڏهن جماعت سان نماز پڙهي تہ ان جي مَغفِرت ٿي ويندي آهي ۽ جيڪڏهن جماعت نہ ڪري وڃي پوءِ بہ ان فضيلت جو حَقدار ٿيندو. جيئن تہ

حضرتِ سَيِّدُنا سَعيد بن مُسَيب رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا تہ جڏهن هڪ اَنصاري صحابي رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي موت جو وَقت قريب آيو تہ فرمائڻ لڳا تہ: آئون توهان کي فقط حُصُولِ ثواب جي نيت سان هڪ حديث ٻڌايان



www.dawateislami.net

ٿو، مون رَسُولُ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي فرمائيندي ٻڌو تہ "توهان مان جيڪو ڪامل وُضُو ڪري ۽ مسجد جي طرف هلي، تہ ساڄو قدم کڻڻ تي الله عَزَّوَجَلَّ ان جي لاءِ هڪ نيڪي لکندو آهي ۽ کاٻو قَدم رکڻ تي الله عَزَّوَجَلَّ ان جو هڪ گُناهُ مٽائي ڇڏيندو آهي، هاڻي تنهنجي مرضي توهان مسجد جي ويجهو رهو يا پري. پوءِ جڏهن اهو مسجد ۾ ايندو آهي ۽ باجماعت نَماز اَدا ڪندو آهي تہ ان جا گُناهہ مُعاف ڪيا ويندا آهن، پوءِ جيڪڏهن اهو مسجد ۾ حاضِر ٿئي ۽ ان جون ڪجھ رَڪعتون نڪري چڪيون هجن ۽ ڪجھ باقي رهجي ويو هجن، اُن کي گهرجي تہ جيڪي رَڪعتون اهو حاصل ڪري سگهي، اِمام سان گڏ پڙهي وٺي ۽ بقايا رڪعتون مڪمل ڪري وٺي تڏهن بہ ان جي مَغفِرت ڪئي ويندي آهي ۽ جيڪڏهن اهو مسجد ۾ (جماعت سان نماز پڙهڻ جي نيت سان) حاضِر ٿيو، پر جماعت ٿي چڪي هجي تہ ان کي گهرجي تہ پنهنجي نماز اَدا ڪري وٺي جو ان جي لاءِ بہ اها ئي بشارت آهي."

(ابوداود، كتاب الصلٰوة،باب ماجاء في الهدي في المشي الي الصلٰوة، رقم ٥٦٣ ، ج ١، ص ٢٣٣)

ياد رهي! تہ ڄاڻي واڻي نمازِ باجماعت جو وَقت گذاري ڇڏڻ واري کي هي فضيلت تہ پري جي ڳالھ بلڪ جماعت ڇڏڻ جو گُناهہ ملندو.

## ابتدائي حالات:

حضرتِ صدرُالشريعہ، بَدرُ الطريقہ مفتي محمد اَمجد علي اعظمي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ١٣٠٠ھ مُطابق 1882ء ۾ مَشرقي يو پي (هند) جي ڳوٺ مدينة العُلَماء گهوسي ۾ پيدا ٿيا. توهان جا والدِ ماجد حڪيم جمالُ الدين عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْمُبِين ۽ ڏاڏا خُدا بخش رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه طِب جي فن جا ماهر هئا. اِبتدائي تعليم توهان پنهنجي ڏاڏي حضرت مولانا خُدا بخش رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه



www.dawateislami.net

ڪان گهر ۾ حاصل ڪئي، پوءِ پنهنجي ڳوٺ ۾ ئي مدرَسه ناصِرُالعُلُوم ۾ وڃي ڪري گوپال گنج جي مولوي الٰهي بخش صاحب رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه ڪان ڪجهه تعليم حاصل ڪئي. پوءِ جونپور پهچي ڪري پنهنجي سؤٽ ياءُ ۽ اُستاذ مولانا محمد صديق رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه ڪان ڪجهه اَسباق پڙهيا، پوءِ حضرت علاّمه هِدايتُ الله خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه ڪان علمِ دين جون برڪتون حاصل ڪيون ۽ اتان ڪان دَرسِ نِظامي مڪمل ڪئي. پوءِ دوره، حديث جي تڪميل پيلي ڀيت ۾ اُستاذُ المُحدِّثين حضرت مولانا وَصي احمد مُحدِّث سُورتي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه ڪان ڪئي. حضرت مُحدِّثِ سُورتي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه پنهنجي هوشيار شاگرد جي اَعليٰ صَلاحيتن جو اِعتِراف هنن لفظن ۾ ڪيو: ”مون ڪان جيڪڏهن ڪنهن پڙهيو ته امجد علي پڙهيو.“

(تذڪره، صدر الشريعه،ص۵)

## حُليو مُبارڪ:

پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه نِهايت ئي خُوبصورت گندمي رنگ، مَضْبُوط ۽ طاقتور جسم جا مالڪ هئا. چهرو مبارڪ پروقار ۽ بارونق، رَنگت گندمي، ڪُشادا پيشاني سان گڏ وڏيون وڏيون چمڪدار اکيون، پرون گهاٽيون ۽ ڏاڙهي مبارڪ به ڪافي گهاٽي هئي. جسم مبارڪ پريل هو، ٿُلهو متارو ۽ سهٽي بيهڪ وارو (Smart) هو ۽ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جو قَد مُبارڪ درميانو هو. (سوانح صدر الشريعه، ص۱۰،ملخصاً)

## حافظي جي قوت جي مضبوطي:

سندن رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جوحافظو تمام مَضبوط هو. (طالب علمي جي دوران) حافِظي جي قُوت، شوق ۽ محنت ۽ ذِهانت جي ڪري سڀ طالبِ علمن



www.dawateislami.net

کان بهتر سمجهيا ويندا هئا. هڪ پيري ڪتاب ڏسڻ سان يا ٻڌڻ سان سالن تائين ايئن ياد رهندو هو، جيئن هاڻي ياد ڪيو يا ٻڌو هجي. 3 پيرا ڪنهن عِبارَت کي پڙهي وٺندا هئا تہ ياد ٿي ويندي هئي.
(تذڪره صدر الشريعہ، ص ۷)

## تدريس جو آغاز:

صُوبي بِهار (هند پٽنا) ۾ مدرسه اَهلسنَّت هڪ اعلٰي درس گاهہ هئي. ان مدرَسي جي مُتَولي قاضي عبدُالوحيد مرحوم جي دَرخواست تي حضرت مُحدِّث سُورتي رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه جن مدرسہ اَهلسنَّت (پٽنا) جي صَدرِ مُدَرِّس جي لاءِ صَدرُالشريعہ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه جو انتخاب فرمايو. پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه اُستاد محترم جي دُعائن جي ڇانوَ ۾ ''پٽنا'' پهتا ۽ پهرين ئي سبق ۾ علم جا اهڙا دريا وهايا جو عُلَماءِ وطَلَبہ واهہ واهہ ڪرڻ لڳا. (خليفہ اَعلٰي حضرت ،حضرت مولانا) قاضي عبدُالوحيد (عظيم آبادي) رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه جيڪي پاڻ بہ وڏا عالِم هئا، (اُنهن) صَدرُ الشريعہ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي علمي وَجاهت ۽ انتِظامي صَلاحيت کان مُتَاثر ٿي ڪري مدرَسي جا تعليمي اُمُور سندن رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي سِپرد ڪري ڇڏيا. (تذڪره صدر الشريعہ، ص ۷، ملتقطاً)

## اعليٰ حضرت جي زيارت:

ڪجهہ عرصي کان بعد قاضي عبدُالوحيد رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه باني مدرسہ اَهلسنَّت (پٽنا) شديد بيمار ٿي ويا . قاضي صاحب هڪ نِهايت دين دار ۽ دين پروَر شخص هئا، پاڻ پوري زندگي خِدمتِ دين ئي کي پنهنجو مقصد بڻايو. سندن پرهيزگاري ۽ مدني سوچ جي ئي ڪَشِش هئي جو منهنجا آقا اَعليٰ حضرت، اِمامِ اَهلسُنَّت، مُجَدِّدِ دين ومِلَّت مولانا شاهہ



www.dawateislami.net

امام اَحمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن ۽ حضرت قبلہ مُحدِّث سُورتي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جهڙا مصروف بُزُرگانِ دين قاضي صاحِب جي عيادت جي لاءِ روهيل کنڊ کان پٽنا تشريف وٺي آيا. ان موقعي تي حضرت صَدرُالشريعہ، بَدرُالطّريقہ مفتي محمداَمجد علي اعظمي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جن پهرين دفعي منهنجي آقا اَعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي زيارت ڪئي. اَعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي شخصيت ۾ اهڙي ڪَشِش هئي جو بي اِختيار صَدرُالشريعہ، بَدرُ الطريقہ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي دل سندن رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي طرف مائل ٿي وئي ۽ توهان اُستادِ محترم حضرت سيدُنا مُحدِّث سُورتي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي مشوري سان سلسلہ عاليہ قادِريہ ۾ اَعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه کان بَيعَت ٿي ويا. منهنجا آقا اَعليٰ حضرت ۽ مُحدّث سُورتي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْهِمَا جي مَوجُودَگي ۾ ئي قاضي صاحب جن وَفاتَ ڪئي. اَعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جن نمازِ جنازه پڙهائي ۽ مُحدِّث سُورتي رَحْمَةُاللهِتَعَالٰىعَلَيْه جن قَبر ۾ لاٿو.

(تذڪرہء صدر الشريعہ،ص۹،ملتقطاً)

## علمِ طِب ۾ مَهارت:

قاضي صاحب مَرحُوم جي اِنتقال کان پوءِ مدرسو اهڙن ماڻهن جي هٿن ۾ پهتو، جن جو علمِ دين سان بلڪل بہ تَعلُّق نہ هو. اندازي سان ايئن مَعلوم ٿو تہ خِدمتِ دين جيڪو اصلي مقصد آهي، هاڻي هتي ممڪن ناهي، تنهنڪري پهرين رَمَضانُ المبارڪ 1326ھ ۾ وطن واپس اچي ويا ۽ مدرسي ۾ اِستِعيفا موڪلي ڇڏي. ڇو جو توهان جو خانداني پيشو حڪمت هو، تنهنڪري والدصاحب جي مشوري سان ان فن کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ حڪيم عبدُالوَلي صاحب وٽ لکنؤ هليا ويا. ٻن سالن ۾ مڪمل فن حاصل ڪرڻ بعد وطن اچي ويا ۽ مَطب



www.dawateislami.net

(يعني ڪلينڪ) شُروع ڪري ڇڏي. خانداني پيشو ۽ خُداداد قابليت جي بنياد تي دواخانو نهايت ڪاميابي سان هلڻ لڳو. (سوانح صدرالشريعه،ص٣٦) (مَعاش جي سِلسلي کان مُطمئن ٿي ڪري) 1329ھ ۾ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه پنهنجي اُستاد حضرت مُحدّثِ سُورتي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ۽ مُرشدِ بَرحق اَعليٰ حضرت امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي زيارت جي لاءِ سفر جو ارادو ڪيو. حضرت مُحدّثِ سُورتي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي خدمت ۾ جڏهن پهتا ۽ انهن ڪي هي معلوم ٿيو ته انهن جو لائق فائق ۽ محنتي شاگرد تدريس (پڙهائڻ) ڇڏي ڪري دواخاني ۾ مشغول ٿي ويو آهي ته بيحَد غمگين ٿيا. (ملخص از سيرتِ صدر الشريعه،ص٣٧) (مُحدِّثِ سُورتي سان ملڻ کان بعد) جيئن ته صَدرُالشريعه رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جو اِرادو بريلي شريف حاضِر ٿيڻ جو به هو، بريلي شريف وڃڻ وَقت مُحدِّث سُورتي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جن هڪ خَط اِن مضمون جو اَعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي خِدمت ۾ تحرير فرمائي ڇڏيو هو ته ”جهڙي طرح ممڪن ٿئي توهان اِن (يعني حضرت صَدرُ الشريعه، بَدرُالطّريقه مفتي محمد اَمجد علي اعظمي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه) کي خِدمتِ دين ۽ علمِ دين جي طرف مُتوجِّهِ ڪريو.“ (تذڪره صدر الشريعه،ص١٢) صَدرُالشريعه رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه خُود فرمائن ٿا: آئون جڏهن اَعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي بارگاھ ۾ حاضِر ٿيس ته پڇيائون: مولانا ڇا ڪندا آهيو؟ مون عرض ڪيو: طبيب آهيان. اَعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جن فرمايو: ”مَطَب به سنو ڪم آهي، اَلْعِلْمُ عِلْمَانِ عِلْمُ الْاَدْيَانِ وَعِلْمُ الْاَبْدَان (يعني علم ٻه آهن: علمِ دين ۽ علمِ طِب)، ته مَطَب ڪرڻ ۾ هي خَرابي آهي ته صُبح صُبح قارُوره (يعني پيشاب) ڏسڻو پوندو آهي“ اِن ارشاد کان بعد مون کي قارُوره (پيشاب) ڏسڻ کان اِنتهائي نفرت ٿي وئي ۽ اهو اَعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جو ڪشف هو ڇو جو آئون مرض



www.dawateislami.net

سجاڻ ۾ قارُوره (يعني پيشاب) ئي کان مدد وٺندو هئس ۽ هي (اعليٰ حضرت جي) ڪرامت هئي جو قارُوره بيني يعني مريضن جي پيشاب ڏسڻ کان نفرت ٿي وئي. (تذکرہء صدر الشريعہ،ص۱۳،ملتقطاً) (ان مُلاقات ۾) اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه نهايت شفقت ۽ ڪرم سان پيش آيا ۽ اُنهن صَدرُ الشريعه رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه کي پاڻ وٽ رهڻ جو حڪم فرمايو ۽ دل لڳائڻ جي لاءِ ڪجھ تحريري ڪم وغيره سِپرد فرمائي ڇڏيو، صَدرُالشريعه رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جو تقريباً ڇہ مهينا بريلي شريف ۾ قيام رهيو. رمضان جي آمد جي پيشِ نظر صدرُالشريعه رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جن گهر وڃڻ جي اجازت طلب ڪئي تہ منهنجي آقا اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جن ارشاد فرمايو:”وڃو! پر جڏهن بہ گهرايان تہ فوراً اچي وڃجو.“ (ملخص از تذکرہء صدر الشريعہ،ص۱۲) گهر وڃڻ جي ڪجھ مهينن کان بعد بريلي شريف کان خَط پهتو تہ توهان فوراً هليا اچو. بهرحال صَدرُالشريعه رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ٻيهر بريلي شريف حاضِر ٿي ويا ۽ اَعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جن بريلي شريف ۾ توهان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي مُستقل قيام جو انتِظام فرمائي ڇڏيو. اهڙي طرح صدرُالشريعه رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جن 18سال منهنجا آقاءِ نعمت اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي صحبت بابرڪت ۾ گذاريا. (تذکرہء صدر الشريعہ، ص۱۴، ملتقطاً) بريلي شريف ۾ بہ مستقل ڪم هئا، هڪ مدرَسو (منظرُالاسلام) ۾ تدريس (پڙهائڻ)، ٻيو پريس جو ڪم، يعني ڪاپين ۽ پرُوفن جي تصحيح، ڪتابن جي روانگي، خطن جا جواب، آمد ۽ خرچ جا حساب، هي سڀ ڪم پاڻ انجام ڏيندا هئا. انهن ڪمن کان علاوه اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جا بعض مُسَوَّدا (اهو ڪم جيڪو سَرسَري طور تي) شروع کان صاف لکڻ، فتوون جي نقل ۽ انهن جي خدمت ۾ رهي ڪري فتوٰي لکڻ هي ڪم بہ مستقل طور تي



www.dawateislami.net

انجام ڏيندا هئا. پوءِ شهر ۽ بيرونِ شهرجي اڪثر تبليغ دين جي جلسن ۾ به شرڪت فرمائيندا هئا. (تذڪرهء صدر الشريعه،ص۱۴، ملتقطاً)

حضرتِ صَدرُالشريعه، بَدرُالطّريقه مفتي محمد امجد علي اعظمي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي ان پرپور محنت ۽ مضبوط عزم کان اُن دَور جا وڏا عُلماء حيران هئا. اَعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي پاءُ حضرت ننّهي ميان مولانا محمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا ته مولانا اَمجد علي ڪم جي مشين آهن ۽ اها به اهڙي مشين جيڪا ڪڏهن فيل نه ٿئي.
(تذڪرهء صدر الشريعه،ص۱۷)

مُصنِّف بھی، مُقرِّر بھی، فَقیہِ عصرِ حاضِر بھی
وہ اپنے آپ میں تھا اِک اِدارہ عِلم و حکمت کا

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! توهان ڏٺو ته جڏهن صَدرُ الشريعه ڪي 18 سالن تائين اعليٰ حضرت، امامِ اَهلسنّت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي صُحبتِ بابرڪت ۾ رهڻ جي سَعادت نصيب ٿي ته آسمانِ علم ۽ حڪمت تي اهڙا روشن سِتارا بڻجي ڪري چمڪيا جو وڏا وڏا عُلماء توهان جي عِلميت جا قائل ٿي ويا. الله عَزَّوَجَلَّ جي صالح ٻانهن جي صُحبت يقيناً باعثِ برڪت هوندي آهي اِنهن دين جي بزرگن جي صحبت ۾ رهي ڪري فڪرِ آخرت، نيڪين جي طرف رَغبت، گُناهن کان نفرت ۽ عِلم وحڪمت جا بي شُمار مدني گُل حاصل ٿيندا آهن، اهي ڏينهن رات آخرت جي ڪاميابي جي لاءِ پنهنجي ۽ ٻين جي اِصلاح جي ڪوشش ۾ مَصروف رهندا آهن، انهن جا دل خوفِ خُدا لبريز ٿي ويندا آهن ۽ اڪيون لڙڪ وَهائيندڙيون آهن. يقيناً جيڪو شخص انهن نيڪ ماڻهن جي صُحبت ۾ رهندو ته اهي ئي ڪيفيتون ان جي دل ۾ به سَرايت ڪري ويندڙيون. اِنْ شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ



www.dawateislami.net

## دعوتِ اسلامي جو مدني ماحول

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هن پُرفتن دور ۾ بہ اَلْحَمْدُلِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي جو پاڪيزه مدني ماحول، اِن مدني صحبت کي حاصل ڪرڻ جا موقعا فراهم ڪندو آهي، توهان کي بہ مدني التجا آهي تہ شيخ طريقت، اَميرِاهلسُنَّت دَامَتْ بَرَکَاتُھُمُ الْعَالِیَہ جون برڪتون حاصل ڪرڻ، سُنتون اپنائڻ، نمازِباجماعت جو ذِهن بنائڻ، ڪوڙ، غيبت،چُغلي وغيره گُناهن کان بچڻ ۽ ٻين کي بچائڻ جي لاءِ ۽ نيڪين ۾ دل لڳائڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان هر دَم وابستہ رهو، اِنْ شَآءَاللہ عَزَّوَجَلَّ ان جي برڪت سان اعليٰ اَخلاقي خوبيون غير محسوس طور تي ڪردار جو حِصو بڻجنديون ويندون. هراسلامي ڀاءُ کي گهرجي تہ اهو پنهنجي شهر ۾ٿيڻ واري دعوتِ اسلامي جي هفتيوارسُنتن ڀرئي اجتماع ۾ وقت جي پابندي سان گڏ اوّل تا آخر شرڪت جي سعادت حاصل ڪري ۽ راهِ خدا عَزَّوَجَلَّ ۾ سفر ڪرڻ وارن عاشقانِ رسول جي مدني قافلن ۾ سفر ڪري. هن مدني قافلن ۾ سفر جي برڪت سان توهان کي گذريل زندگي جي طريقي تي غور و فڪر ڪرڻ جو مَوقعو ملندو ۽ دل آخرت چڱي ڪرڻ جي لاءِ بي چين ٿي ويندي، جنهن جي نتيجي ۾ گُناهہ ڪرڻ تي ندامت محسوس ٿيندي ۽ توبھ جي توفيق ملندي. اِنْ شَآءَاللہ عَزَّوَجَلَّ

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## علمي شان و شوڪت:

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ايئن تہ اللہ عَزَّوَجَلَّ حضرتِ صَدرُ الشريعه رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ کي ڪيترن ئي علم ۽ فن ۾ مَهارت عَطا فرمائي هئي، پر



www.dawateislami.net

انهن کي تفسير، حديث ۽ فقه ۾ خُصُوصي دلچسپي هئي. فقهي جُزئيات (مسئلا) هميشه بر زبان رهندا هئا. ان جي ڪري اُن وَقت جي مُجدّدِ اعظم، اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن توهان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه کي ”صَدرُالشريعه“ جو عظيم لَقب عطا فرمايو هو. (صدر الشريعه ص نمبر ١٩٢) صَدرُ القَوم عربي زبان ۾ قوم جي سڀ کان اَفضل ۽ سڀ کان محترم شخص کي چيو ويندو آهي، ان لاءِ صَدرُ الشريعه کا مَطلَب اهو ٿي ٿيندو ته شريعت ڄاڻڻ وارن (يعني عُلماء) ۾ سڀ کان بُزرگ ۽ اعلٰي شخص.

(حاشيه عمدة الرعايه بر شرح وقايه، ص٥٠)

اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي توهان کي ڏنل لَقب مان ظاهر ٿئي ٿو ته واقفِ اَسرارِ شريعت، امامِ اَهلسُنَّت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه کي به صَدرُ الشريعه، بدرُ الطّريقه مفتي محمد امجد علي اعظمي عَلَيْه رَحْمَةُ اللهِ الغَنِي جي جلالتِ علمي (يعني علمي شان و شوڪت) جو اِعتِراف هو، ان جي ڪري پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه صاحبِ بهارِ شريعت مفتي امجد علي اعظمي عَلَيْه رَحْمَةُ اللهِ الغَنِي کي اهڙي عظيم الشَّان لَقب سان مُشرَّف فرمائي ڪري انهن جي جَلالَتِ علمي جو اِظهار ڪيو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## مبارڪ عادتون

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بي شڪ صَدرُالشريعه رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي پُوري زِندگي اسان جي لاءِ رهنما آهي. سندن رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي شاگردن مان جنهن سندن رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي سيرت کي اپنايو، ان ڪاميابي حاصل ڪئي. باني اَلجامِعةُ الاَشرفيه مبارڪ پُور هند حافظِ ملّت حضرت مولانا شاه عبدُ العزيز مُحدِّث



www.dawateislami.net

مُرادآبادي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائيندا هئا: گرم کاڌو کائڻ سان مهارون ڪمزور ٿينديون آهن، پر آءُ گرم چانهہ ان لاءِ پيئندو آهيان جو منهنجا اُستاذ حضرت صَدرُ الشريعه رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه گرم چانهہ پيئندا هئا. (سوانح صدر الشريعہ،ص١٠٧) مزيد فرمائن ٿا: ڪامياب شخصن جي تَقليد (پيروي) ڪرڻ سان ماڻهو ڪامياب ٿيندو آهي. مون حضرتِ صَدرُ الشريعه جي پيروي ڪئي تہ ڪامياب ٿيس. (سوانح صدر الشريعہ،ص١٠٧) تنهن لاءِ اسان کي بہ گهرجي تہ پنهنجي هر هر فعل (ڪم) ۾ پنهنجن بزرگن جي پيروي کي ترجيح ڏيون تہ جيئن اسان جي اَندر بہ چڱيون خوبيون پيدا ٿين ۽ بُريون عادتون ختم ٿي وڃن. اچو تہ! صَدرُالشريعه رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي ڪجھ عادتن جي مُتَعَلّق ٻڌون ٿا. جيئن تہ سندن رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي مِزاج ۾ حَد دَرَجي جي لَطافتَ هئي، صاف سُٿرو بهترين لباس پائيندا هئا،مٿي تي ڪاڙِي جي گول ٽوپي ۽ انهي جو عمامو ٻَڌندا هئا. عام طور تي وچٿرو ڪاڌو تَناوُل فرمائيندا هئا، پر ڪڏهن ڪڏهن نِهايت اَعليٰ ڪاڌو گهر ۾ نهرائي ڪري خُود بہ کائيندا ۽ سيني ٻارن کي بہ کارائيندا هئا. پاڻي هميشہ تمام ٿڌو پيئندا هئا. ايستائين جو سياري ۾ رات جو گهڙن (دِلَن) ۾ پاڻي پرائي ڇڏيندا هئا ۽ اهو ئي سڄو ڏينهن پيئندا هئا. پُڳل گوشت، ماني ۽ تَريل ڪريلا سندن جي پسنديده خُوراڪ هئي. بهترين ۽ گرم چانهہ پيئندا هئا. مٺين شين ۾ هلڪو مٺو پسند ڪندا هئا، عصر کان بعد عام طور تي چهل قدمي ڪرڻ نڪرندا هئا. آواز تمام بارُعب، گرجدار ۽ بُلند هو. فطري طور تي تمام رحم دل، شفيق، مهربان، بردبارءِ سنجيده هئا. رشتيدارن جو تمام خيال ڪندا هئا. جيڪڏهن خاندان ۾ ناراضي هوندي هئي تہ ختم ڪري ڇڏيندا هئا. (سيرتِ صدر الشريعہ، ص١٠٦ ملتقطاً)



www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! توهان ڏٺو تہ صَدرُالشريعہ مفتي امجد علي اعظمي رَحْمَةُ اللہِ تَعَالٰی عَلَيْه ڪهڙين نہ دِلڪش عادتن ۽ خوبين جا مالڪ هئا، پاڻ رَحْمَةُ اللہِ تَعَالٰی عَلَيْه عِلمي وَجاهت، فقهي مَهارت ۽ تحقيقي بصيرت جي سبب پوري خاندان ۾ مُمتاز ۽ باوقار مَقام رکندا هئا، ان لاءِ توهان پنهنجي حيثيت کي استعمال ڪندي پوري خاندان جون معمولي رنجيشون مِٽائيندا هئا ۽ رُٺلن کي مِلائيندا هئا. اسان کي بہ گهرجي تہ جڏهن خاندان جي ماڻهن ۾ رنجش وغيره ٿي وڃي يا ٻاهر ڪو فتنو فَساد ٿي وڃي، پاڙي وارن ۾ لڙائي جهڳڙي جي باهہ ڀڙڪي پوي تہ ان ڀڙڪندڙ باهہ ۾ مزيد ڦوڪون هڻڻ جي بجاءِ ممڪن صورت ۾ ان کي وسائڻ جي ڪوشش ڪريون. ان سان جتي فتنو فساد ٿي رهيو هجي اُتي پنهنجن مُسلمان ڀائرن ۾ صُلح ڪرائڻ جو ثواب بہ اسان جي حصي ۾ ايندو. اچو تہ !انهي متعلق 2 حديث مبارڪ ٻُڌون ٿا.

1. سڀ کان اَفضَل صَدَقو رُٺل ماڻهن ۾ صُلح ڪرائڻ آهي.

(الترغيب والترهيب، كتاب الادب، باب اصلاح بين الناس، رقم ٦، ج٣، ص ٣٢١)

2. جيڪو شخص ماڻهن جي درميان صُلح ڪرائيندو، اللہ عَزَّوَجَلَّ ان جو مُعامَلو دُرُست فرمائي ڇڏيندو ۽ ان جي هر جملي ڳالهائڻ تي هڪ غُلام آزاد ڪرڻ جو ثواب عطا فرمائيندو ۽ اهو جڏهن موٽندو تہ پنهنجي گناهن کان مغفرت يافتہ ٿي موٽندو.

(الترغيب والترهيب، كتاب الادب، باب اصلاح بين الناس، رقم ٩، ج٣، ص ٣٢١)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد



www.dawateislami.net

## صَدرُالشريعه جا نمايان ڪارناما:

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! شريعت جي امام، طريقت جي چند حضرت علامہ مولانا مفتي امجد علي اعظمي رَحْمَةُ اللہِ تَعَالٰی عَلَيْه جن پنهنجي پوري زندگي شريعت و طريقت جي خِدمت ۾ گُذاري. پاڻ رَحْمَةُ اللہِ تَعَالٰی عَلَيْه پنهنجي پاڪ زندگي ۾ اهڙا نمايان ڪارنامہ سر اَنجام ڏنا جن تي اڄ پوري جهان جو عقل حيران آهي. اچو تہ سندن رَحْمَةُ اللہِ تَعَالٰی عَلَيْه جي ڪجهہ علمي ڪارنامن جي باري ۾ ٻُڌون ٿا.

## بهارِ شريعت، فقہ حنفي جو انسائيڪلو پيڊيا:

صَدرُالشريعہ، بدرُ الطّريقہ مفتي محمداَمجد علي اعظمي رَحْمَةُ اللہِ تَعَالٰی عَلَيْه جي علمي ڪارنامن ۾ سرِ فهرست ”بهارِ شريعت“ جي تصنيف آهي. هي ڪتاب اُردُو زبان ۾ عَقائد کان وٺي مُعاملات تائين جي تمام ضَروري مسئلن تي مشتمل آهي. خاص صَدرُ الشريعہ رَحْمَةُ اللہِ تَعَالٰی عَلَيْه جي مبارڪ قلم مان سترهن (17) حِصّن تي مشتمل آهي. منقول آهي تہ فقہ حنفي جي مشهور ڪتاب فتاوٰي عالمگيري سَوين عُلَماءِ دين رَحِمَهُمُ اللہُ الْمُبِين جن حضرت سيدُنا شيخ نظامُ الدين رَحْمَةُ اللہِ تَعَالٰی عَلَيْه جي نگراني ۾ عَرَبي زَبان ۾ مُرَتَّب فرمائي پر قُربان وڃو صَدرُالشريعہ عَلَيْهِ رَحْمَةُ رَبِّ الْوَرٰی جن اهو ئي ڪم اُردُو زبان ۾ اڪيلي سر ڪري ڏيکاريو ۽ علمي ذخيرن سان نہ صرف مفتيٰ بہٖ قول چونڊي چونڊي ڪري بهارِ شريعت ۾ شامل ڪيا بلڪ سَوين آيتون ۽ هزارين حديثون بہ موضوع جي مُناسَبَت سان شامل ڪيون. پاڻ رَحْمَةُ اللہِ تَعَالٰی عَلَيْه خُود تحديث نعمت جي طور تي اِرشاد فرمائن ٿا: ”جيڪڏهن اورنگزيب عالمگير هن ڪتاب (يعني بهارِ شريعت) کي ڏسن ها تہ



www.dawateislami.net

مون کي سون سان تورين ها.“ (تذکره، صدرالشريعه، ص۴۵) ۽ يقينًا هي سندن رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جو پاڪ ۽ هند جي مُسلمانن تي تمام وڏو احسان آهي ته أنهن وڏن عربي ڪتابن ۾ پکڙيل فقهي مَسئلن کيِ تحريري گلدستي جي صورت ۾ هڪ مَقام تي جمع ڪري ڇڏيو. ان ۾ بيشُمار مَسئلا اهڙا آهن جنهن جو سکڻ هر اسلامي ڀاءُ ۽ اسلامي ڀيڻ تي فرضِ عَين آهي. ان جي تصنيف جا اَسباب ذِڪر ڪندي صَدرُ الشريعه رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه لکن ٿا:”اُردو زبان ۾ هن وقت تائين ڪا اهڙو ڪتاب تصنيف ناهي ٿيو، جيڪي صحيح مَسئلن تي مُشتمل هجي ۽ ضَروريات جي لاءِ ڪافي ۽ مڪمل هجي.“ (تذکره، صدر الشريعه، ص۴۵، ملتقطاً) انهيءَ لاءِ پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه هي عظيم الشَّان ڪتاب تحرير فرمايو. جيئن ته خُود اِرشاد فرمائن ٿا:”ان ڪتاب ۾ وس آهر اها ڪوشش هوندي ته عِبارَت تمام آسان هجي جو سمجهڻ ۾ مشڪل نه ٿئي ۽ گهٽ علم وارا ۽ عورَتون ۽ ٻار به ان مان فائدو حاصل ڪري سگهن“.(تذکره، صدر الشريعه،ص۴٦) اِن تصنيف جي هڪ خوبي اها به آهي ته اَعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جن بهارِشريعت جي ٻين، ٽين ۽ چوٿين حصي جو مُطالَعو فرمائي ڪري ان تي تقريظ به لِکي آهي. هن ڪتاب ۾ جتي ڪتي فرض عُلُوم سان گڏوگڏ، قُرآني آيتن جا نُور، مبارڪ حديثن جي بهار ۽ هر حصي ۾ پکڙيل بي شُمار خُوشبودار شَرعي مَسئلا پنهنجي خوشبو مهڪائي رهيا آهن. يقينًا ان ڪتاب کي پڙهڻ سان نه صِرف دل ۽ دِماغ روشن ٿيندا آهن بلڪ ڪيترن ئي مُعامَلن ۾ شَرعي رَهنمائي به نصيب ٿيندي آهي. بهارِ شريعت جي ان عظيم عِلمي ذخيرن کي وڌ کان وڌ فائديمند بنائڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي مجلس اَلمَدينة الْعِلمية جي مدني عُلماء



www.dawateislami.net

تَخريج ۽ آسان ۽ ڪتي ڪتي حَاشيو لکڻ جي بہ ڪوشش فرمائي آهي ۽ اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مڪمل ڪتاب مڪتبة المدينہ کان شايع ٿي ڪري منظرِ عام تي بہ اچي چڪو آهي. سادي ايڊيشن ٽن (3) جلدن ۾ ۽ رنگين ڏاج ايڊيشن ڇهہ (6) جلدن ۾ مڪتبة المدينہ کان هديو ڏئي حاصل ڪري سگهجي ٿو. ان کان علاوه دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ www.dawateislami.net تان ان ڪتاب کي رِيڊ (يعني پڙهي) بہ سگهجي ٿو، ڊائون لوڊ (Download) بہ ڪري سگهجي ٿو ۽ پرنٽ آؤٽ (Print Out) بہ ڪري سگهجي ٿو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ترجمہ ڪنزالايمان جو تحفو:

صَدرُالشريعہ، بَدرُ الطّريقہ مفتي اَمجد علي اعظمي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْغَنِي جن بريلي شريف ۾ قيام جي دوران صحيح ۽ غلطين کان پاڪ اَحاديثِ نَبويّہ ۽ اَئمّہ جي اقوالن جي مُطابق هڪ ترجمي جي ضَرورت محسوس ڪندي قرآنِ پاڪ جي ترجمي جي لاءِ اَعليٰ حضرت عَلَيْهِ رَحْمَةُ رَبِّ العزّت جي بارگاهِ عظمت ۾ دَرخواست پيش ڪئي تہ اِرشاد فرمايو: ”هي تہ تمام ضَروري آهي پر ڇپجڻ جي ڇا صُورت هوندي؟ ان جي طباعَت جو ڪير اِهتِمام ڪندو؟ باوُضو ڪاپين کي لکڻ، با وُضو ڪاپين ۽ اکرن کي صحيح ڪرڻ ۽ تصحيح بہ اهڙي هجي جو اِعراب نُقطا يا علامتن جي بہ غلطي نہ رهي، پوءِ هي سڀ شيون ٿي وڃڻ کان بعد سڀ کان وڏي مُشڪل تہ هي آهي تہ پريس ۾ هر وَقت باوُضُو رهي، بِغير وُضو نہ پٿر کي هٿ لڳائي ۽ نہ ڪَٽي، پٿر ڪٽڻ ۾ بہ اِحتياط ڪئي وڃي ۽ ڇپجڻ ۾ جيڪي جوڙيون نڪرنديون آهن ان کي بہ وڏي احتياط سان رکيو وڃي.



www.dawateislami.net

پاڻ عرض ڪيائون:” اِنْ شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ جيڪي ڳالهيون ضروري آهن، ان کي پُوري ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي، بِالفرض مجي ونجي ته اسان کان ايئن نه ٿي سگهيو ته جڏهن هڪ شيءِ موجود هجي ته ٿي سگهي ٿو ته آئنده ڪو شخص ان جي طباعت (ڇپائي) ڪرڻ جو انتِظام ڪري ۽ مخلوقِ خُدا کي فائدو پهچائڻ جي ڪوشش ڪري ۽ جيڪڏهن هن وَقت هي ڪم نه ٿي سگهيو تو آئنده ان جي نه ٿيڻ جو وڏو افسوس ٿيندو.“ سندن جي عرض ڪرڻ کان پوءِ ترجمي جو ڪم شُروع ڪيو ويو، بِحَمدِالله عَزَّوَجَلَّ سندن رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي نيڪ ڪوششن جي خواهش موجب ڪاميابي حاصل ٿي ۽ اڄ مسلمانن جو وڏو تعداد مُجدِّد اعظم، اِمامِ اَهلسُنَّت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي لکيل قرآنِ پاڪ جي صحيح ترجمي ”ترجمو ڪنزالايمان“ کان فائدو حاصل ڪري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه (يعني صدرالشريعه) جا احسان مند آهن ۽ اِنْ شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ هي سلسلو قيامت تائين جاري رهندو.

(تذڪره، صدر الشريعه، ص:١٧)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! حديث پاڪ ۾ آهي: مَنْ دَلَّ عَلٰی خَيْرٍ فَلَهٗ مِثْلُ اَجْرِفَاعِلِهٖ يعني جيڪو شخص ڪنهن نيڪي تي رهنمائي ڪري، ته ان کي به ايترو ئي ثواب ملندو، جيترو ان نيڪي تي عمل ڪرڻ واري کي.

(صحيح مسلم، ڪتاب الإمارة، باب فضل اعانة الغازي... الخ، الحديث١٨٩٣، ص١٠٥٠)

مُفسِرشهير، حڪيم الأُمَّت، مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الحَنَّان ارشاد فرمائن ٿا: نيڪي ڪرڻ وارو، ڪرائڻ وارو، ٻڌائڻ وارو، مشورو ڏيڻ وارو سڀ ثواب جا مُستَحِق آهن. (مرأة المناجيح، ج١، ص١٩٤) ان حديث پاڪ جي روشني ۾ ڏٺو وڃي ته صَدرُ الشريعه رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه پنهنجي مثال پاڻ نظر ايندا، چو



www.dawateislami.net

جو انهن کي نہ صرف بهارِ شريعت جهڙي مقبولِ عام ڪتاب لکڻ جو ثواب ملندو بلڪ گڏوگڏ تَرجَمو ڪنزالايمان لکڻ لکرائڻ تي ثوابِ عظيم بہ هٿ آيو هوندو. بلڪ جيستائين ان قرآن جي ترجمي مان فائدو حاصل ڪيو ويندو، ان جو ثواب بہ اِنْ شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ صَدرُ الشريعہ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي نامہءِ اعمال ۾ درج ڪيو ويندو رهندو. ان مان اسان کي بہ هي مدني گُل ملي رهيا آهن تہ جيڪڏهن تي سگهي تہ اسان بہ ان ختم ٿي وڃڻ واري زندگي ۾ اهڙو ڪو ڪم ڪري وڃون جيڪو مرڻ کان پوءِ بہ ڪم اچي. ياد رکو! هي دنيا دارُالعَمَل (يعني عمل ڪرڻ جي جڳهہ) ۽ آخرت دارُالجَزَاء (يعني بدلي ملڻ جي جڳهہ) آهي، تنهن لاءِ سمجهداري انهيءَ ۾ آهي تہ دنيا ۾رهندي آخرت جي تياري ڪئي وڃي تہ جيئن قبر ۽ حشر جي امتحان ۾ ڪامياب ٿي ڪري اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي طرف کان بطورِ انعام ملڻ واري جَنت جون نہ ختم ٿيڻ وارين نعمتن جو مزو ماڻي سگهون.

حضرت سَيّدُناابُو هرَيره رَضِىَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان مَروي آهي تہ نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن اِرشاد فرمايو: جڏهن ماڻهو مَري ويندو آهي تہ ان جي عمل جو سلسلو مُنقطع ٿي (ڪٽجي) ويندو آهي پر 3 عمل مُنقَطع ناهن ٿيندا، صدقہءِ جاريہ، عِلمِ نافع ۽ نيڪ اَولاد جيڪا ان جي لاءِ دُعا ڪندي آهي. (صحيح مسلم، ڪتاب الوصية، باب ما يلحق الانسان...الخ، الحديث١٦٣١، ص٨٨٦)

حڪيم الاُمَّت حضرتِ مفتي احمد يارخان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الحَنَّان ان حديث پاڪ جي شرح ۾ فرمائن ٿا: هي 3 شيون (اهڙيون آهن) جن جو ثواب مرڻ کان بعد پهچندو رهندو آهي، ڪو اِيصالِ ثواب ڪري يا نہ ڪري. صدقہءِ جاريہ مان مُراد اَوقاف آهن، جيئن مسجدون، مَدرسا، وَقف ڪيل باغ جن مان



www.dawateislami.net

ماڻھو نفعو حاصل ڪندا آھن، ايئن ئي عِلم مان مُراد ديني تَصانيف (تحرير)، نيڪ شاگرد جن کان ديني فيضان پھچندو رھي.
(مراۃ المناجيح ج١، ص١٨٨ )

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان کي بہ حياتي ۾، سنين سنين نيتن سان گڏ رضاءِ الٰھي ۽ آخرت جو ثواب حاصل ڪرڻ جي لاءِ مسجد مدرسو ٺاھڻ سان گڏوگڏ، پاڻ بہ نيڪي جي ڪمن ۾ مشغول رھندي پنھنجي اَولاد کي بہ سُنتن جي ترغيب ڏياري ڪري نيڪ بنائڻ گھرجي تہ جيئن اسان جي مرڻ کان بعد دُعاءِ مَغفرت ۽ ايصالِ ثواب جي ذريعي اسان جي اولاد اسان جي ڪم اچي.

**دُعاءِ مصطفٰي**: صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آھي: الله عَزَّوَجَلَّ ان پيءُ تي رحم فرمائي جيڪو نيڪي ڪرڻ تي پنھنجي پُٽ جي مدد ڪري.
(مصنف ابن ابي شيبہ ٦/١٠١)

اَولاد جي ظاھري زيب و زينت، سٺي غِذا، سٺو لباس ۽ ٻين ضرورتن سان گڏوگڏ ان جي اَخلاقي ۽ رُوحاني تَربيت جي لاءِ بہ تيار ٿي وڃو گڏوگڏ پنھنجي اَولاد کي نيڪ بڻائي ثوابِ جاريہ جو ذريعو بنائڻ سان گڏوگڏ شيخ طريقت، اميرِ اَھلسنَّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه ۽ مڪتبة المدينہ جي مطبوعہ ڪتاب ۽ رسالا تقسيم ڪرڻ بہ ھميشہ ھميشہ جي لاءِ ثواب ڪمائڻ ۽ آخرت ۾ ڪم اچڻ واري نيڪي آھي، اھو ھن طرح تہ جيڪڏھن ڪو اِنھن ڪتابن ۽ رسالن کي پڙھي ڪري پابندي سان نماز پڙھڻ وارو، سنتن تي عمل ڪرڻ وارو، نيڪ اجتماعن ۾ شرڪت ڪرڻ وارو، نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ وارو، بُرائي کان مَنع ڪرڻ وارو بڻجي ويو تہ جيستائين اھو نيڪ اَعمال ڪندو رھندو تہ اسان کي بہ ان جو



www.dawateislami.net

ثواب ملندو رهندو ۽ ان جي ذريعي جيترا به نيڪ ٻڌندا ويندا انهن سيني جي عملن جي مُطابق اسان کي ثواب ملندو رهندو.

سُنّتوں کی کروں خُوب خدمت　　ہر کسی کو دُوں نیکی کی دعوت
نیک میں بھی بنوں اِلْتجا ہے　　یاخُدا! تجھ سے میری دُعا ہے

(وسائلِ بخشش،ص۱۳۹)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!　　صَلَّى اللّٰهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## گهر جو ڪم:

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! نيڪ عمل ڪرڻ گڏوگڏ اسان کي پنهنجي انداز ۾ به تبديلي آڻڻ گهرجي. ٻين کي گُهورڻ، جهڙڪڻ، ڳالهه ڳالهه تي جهيڙي جهڳڙي جي عادت ڪڍي پنهنجي اندر نرمي، عاجزي ۽ اِنڪساري پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي. اسان جا اَسلاف عاجزي ۽ اِنڪساري ۾ پنهنجي مثال پاڻ هوندا هئا. حضرت صَدرُ الشريعه رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي باري ۾ اچي تو ته پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه تمام وڏا عالِمِ دين ۽ فقيه (علمِ فقه جو عالِم) هئڻ جي باوُجُود به عاجزي ۽ اِنڪساري جا پيڪر هئا، انهن جي عاجزي ۽ سنتن سان مَحَبَّت ئي هئي جو اُستاذُ الاَساتِذه (استادن جا استاد يعني تمام وڏا استاد) هئڻ جي باوجود گهر جو ڪم ڪار ڪرڻ ۾ ڪو عار محسوس نه ڪندا هئا. گهر ۾ ڀاڄيون ڇليندا، ڪٽيندا ۽ ٻيا ڪم به ڪندا هئا. پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سُنَّت تي عمل ڪندا هئا. گهر جي ڪم ڪار کان ڪنهن قِسم جو شرم محسوس نه فرمائيندا هئا بلڪ سُنَّت تي عمل ڪرڻ جي نيت سان بَخُوشي سڀ ڪم اَنْجام ڏيندا هئا. (سيرتِ صدر الشريعه، ص۱۰۱) اسان کي به گهرجي ته جڏهن به تي



www.dawateislami.net

سگهي ۽ ڪو عذر نہ هجي تہ گهر جو ڪم ڪار بخوشي ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا ڪريون. گهر جو ڪم ڪار هٿ سان ڪرڻ هي مُحسنِ اِنسانيت، شمع بزمِ هدايت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سُنَّتِ مبارڪ بہ آهي. جيئن تہ

اُمُّ المُؤمنين حضرتِ سَيدَتُنا عائشہ صِدّيقہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا کان سُوال ٿيو تہ ڇا نبي ڪريم، رؤُفٌ رَّحيم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم گهر ۾ ڪم ڪار ڪندا هئا؟ فرمايائون: ها پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي نَعلينِ مبارڪ خُود ڳنڍيندا، ڪپڙن ۾ ٽِيُون لڳائيندا ۽ اهي سڀ ڪم ڪندا هئا جيڪي مرد پنهنجي گهرن ۾ ڪندا آهن. (مسند امام احمد، ۹/ ۵۱۹،حديث: ۲۵۳۹۶) حڪيم الأُمَّت ،مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الْمَنَّان فرمائن ٿا: حُضُورِ اَنوَر صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي گهر جي ڪنهن ڪم ۾ تڪلّف نہ فرمائيندا هئا، بڪري (جو کير) ڏُهي وٺندا هئا، پنهنجا ڪپڙا خود ڌوئي وٺندا هئا، نَعلين شريف ۾ ٽِتي لڳائي وٺندا هئا. معلوم ٿيو تہ گهر جو ڪم ڪرڻ صالحين جو طريقو آهي ڪنهن جائز ڪم ۾ شرم نہ ڪرڻ گهرجي. (مرآة المناجيح: ۸/ ۷۴)

## اپنے کپڑے خود دھولینا خاک کے بستر پر سولینا

## سادہ نیک طبیعت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اي ڪاش! اسان بہ پياري آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اَدائن مان ڪجھ سکڻ ۽ ان تي عمل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃون ۽ گهر ۾ چاهت ۽ سنتن ڀريو ماحول قائم ڪرڻ جي لاءِ جيتري قدر ٿي سگهي پنهنجا ڪم پنهنجي هٿن سان ڪرڻ کان علاوه گهروارن جو ڪم ڪرڻ جي بہ ڪوشش ڪندا ڪريون. ان سان نہ صرف گهر وارن جي دل ۾ مَحَبَّت وڌندي بلڪ گهر ۾ پنهنجائپ وارو ماحول بڻجندو. ياد رکو! ننڍيا ننڍيا



www.dawateislami.net

ڪم بہ پنهنجي ٻارن جي ماءُ کان ڪرائڻ ۽ هر وَقت ٻين تي حڪم هلائڻ سان نہ صرف گهر جو ماحول خراب ٿيندو گڏوگڏ مسئلا پيدا ٿيندا بلڪ گهر جو ڪم نہ ڪرڻ ۽ ان کان ننائڻ کي عُلماء تڪبُّر جي علامت ۾ شُمار ڪيو آهي. جيئن تہ دعوتِ اسلامي جي اِشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي مطبوعہ رسالي ”تڪبّر“ جي صفحي نمبر 34 تي آهي تہ پنهنجي گهر جو ڪم ڪار ڪرڻ، بازار کان سودو سلف (سامان وغيره) کڻي اچڻ کي بي عزتي سمجهڻ بہ تڪبُّر جي علامتن مان آهي. (الحديقة الندية، ج١،ص٥٨٦) ان لاءِ جيڪڏهن ڪنهن ۾ اهڙي عادت آهي تہ براءِ ڪرم ان جي علاج جي ڪوشش ڪري. اللّٰه عَزَّوَجَلَّ اسان کي تڪبُّر ۽ هر قسم جي باطني ۽ ظاهري بيمارين کان بچڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِین صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

گُناہوں کے اَمراض سے نِیم جاں ہوں — پئے مُرشِدی دے شِفا یاالٰہی
بنا دے مجھے نیک نیکوں کا صَدْقہ — گُناہوں سے ہر دَم بچایاالٰہی

(وسائلِ بخشش، ص:١٠٥)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! — صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** صَدرُ الشريعہ رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جي مبارڪ زندگي جي مُتَعلّق اسان ٻڌو تہ پاڻ شريعت تي عمل ڪرڻ وارا، گهر جي ڪم ڪار ۾ حَصو وٺڻ وارا، تمام وڏا عالمِ دين هئا. اچو تہ! هاڻي سندن جي وفات جو واقعو ٻڌون ٿا. جيئن تہ خليفہء صَدرِ شريعت، پيرِطريقت حضرتِ علاّمہ مولانا حافظ قاري محمد مُصلحُ الدين صِدّيقي قادِري رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه



www.dawateislami.net

فرمائن ٽا: مُصنّفِ بهارِ شريعت حضرتِ صدرُ الشّريعه مولانا محمد امجد علي اعظمي رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه سان گڏ مدينة الاَولياء احمدآباد شريف (هند) ۾ حضرت سيد نا شاه عالَم رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جي دربار ۾ حاضري جي سَعادت حاصِل ٿي، انهن ٻنهي تختن جي هيٺان حاضر ٿياسين (جنهن جي باري ۾ مشهور آهي ته دعائون قبول ٿينديون آهن) ۽ پنهنجي پنهنجي دِل جون دعائون ڪري جڏهن فارِغ ٿياسين ته مون پنهنجي پير و مرشِد حضرتِ صدرُالشريعه رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه کي عرض ڪيو: حُضور! توهان ڪهڙي دعا گُهري؟ فرمايو: ''هر سال حج نصيب ٿيڻ جي'' مون سمجهو ته حضرت جي دُعا ڪرڻ جو مقصد هي هوندو ته جيستائين زِنده رهان حج جي سعادت ملي، پر هي دُعا ٻه قبول ٿي جو انهيءَ سال حج جي ارادو ڪيائون. مديني جي سفيني ۾ سَوار ٿيڻ جي لاءِ پنهنجي وطن مدينة العلماء گهوسي (ضِلع اعظم گڙهه، هند) کان بمبئي تشريف وٺي آيا، هتي سندن کي نُمونيا ٿي ويو ۽ سفيني ۾ سوار ٿيڻ کان پهريان ئي ١٣٦٧ھ جي ذيقعدة الحرام جي ٻين رات 12 وڄي 26 مِنٽ بمطابِق 6 سٽمبر 1948ء تي وفات ڪري ويا.

سُبۡحٰنَ‌الله عَزَّوَجَلَّ! صدر الشريعه رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جي گهريل دعا ''هرسال حج نصيب ٿئي'' هن طرح مقبول ٿي جو حج جي سفر دوران ئي سندن رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جو وصال ٿي ويو. حديث پاڪ ۾ آهي جيڪو شخص پنهنجي گهر کان حج يا عُمرو ڪرڻ جي لاءِ نڪري ۽ فوت ٿي وڃي، ته ان کي قيامت تائين حج ۽ عمرو ڪرڻ واري جو اجر ڏنو ويندو.

(شعب الايمان للبيهقي، باب في المناسڪ، فضل الحج والعمرة، الحديث٤١٠٠، ج٣، ص٤٧٤)

مدینے کا مُسافر ہند سے پہنچا مدینے میں
قدم رکھنے کی بھی نوبت نہ آئی تھی سفینے میں



www.dawateislami.net

صَــلُّــوْا عَــلَـى الْـحَــبِـيْـب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## بيان جو خُلاصو:

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اڄ اسان صَدرُ الشريعہ، بَدرُ الطريقہ مفتي امجد علي اعظمي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي مبارڪ زندگي جي مُتَعَلِّق بيان ٻڌڻ جي سَعادت حاصل ڪئي سندن رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي پُوري زِندگي اِخلاص ۽ لِلّٰهِيَّت جي تصوير نظر ايندي رهي. سڄي عُمر توهان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه شَجرِ اسلام جي آبياري جي ڪوشش ۾ مصروف رهيا. دين اسلام جي سَر بُلندي جي لاءِ نہ صِرف توهان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه اَعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه کان قرآن جي ترجمي لکڻ جي خواهش ڪئي بلڪ ان خواهش کي پورو ڪري ”ترجمہ ڪنزالايمان“ جي صُورت ۾ بعد ۾ اچڻ وارن کي هڪ خَزانو عطا فرمائي ڇڏيو، اهڙي طرح ”بهارِ شريعت“ جهڙي عظيم الشان ڪتاب جي تصنيف فرمائي ڪري مُسلمانن کي پنهنجي زندگي شريعت جي مُطابق گذارڻ جو سامان فَراهم فرمايو. ان سان گڏوگڏ پوري دنيا ۾ دين اسلام جي حِمايت ۽ نُصرت ۽ ان جي تبليغ جي لاءِ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه پنهنجي لائق ۽ محنتي شاگردن جو بہ هڪ وڏو تعداد تيار ڪيو آهي. الله عَزَّوَجَلَّ صَدرُ الشريعہ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي صَدقي اسان کي بہ دين جي سَربُلندي ۽ شريعت جي مُطابق زندگي گُذارڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاہِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَــلُّــوْا عَــلَـى الْـحَــبِـيْـب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد



www.dawateislami.net

## مجلس جو تَعارُف:

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! موجوده دور ۾ عِلاج جا مُختلف طريقا هئڻ جي سبب طبيبن جي سڃاڻپ جي لاءِ نالا بہ الڳ الڳ رکيا ويا آهن. جيئن تہ جڏهن ڊاڪٽرن جو نالو ورتو ويندو آهي تہ ان مان عام طور تي اَيلو پيٿڪ ڊاڪٽر مُراد هوندا آهن. يوناني طِب وارن کي حکيم چوندا آهن، جانورن جي ڊاڪٽرکي ويٽرنري ڊاڪٽر ۽ ڊاڪٽرن جو هڪ قسم هوميوپيٿڪ ڊاڪٽر چيو ويندو آهي. الغرض مَوجُوده دَور جي طبيبن کي ڏنو وڃي تہ انهن جي اڪثريت فَرض عُلُوم يعني بنيادي ضروري ديني عُلُوم کان ناواقف نظر ايندي آهي. جيئن تہ تبليغِ قرآن و سُنَّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول ۾ طبيبن جي هر طَبقي جي لاءِ هڪ الڳ مجلس قائم ڪئي وئي آهي، ان تمام مَجلسن جو بنيادي مَقصَد ان پيشي سان وابستہ ماڻهن جي دلين ۾ فَرض عُلُوم جي اَهميت اُجاگر ڪرڻ سان گڏوگڏ انهن تائين دعوتِ اسلامي جو مدني پيغام پهچائڻ ۽ انهن کي دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ڪندي هن مدني مقصد ”مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اِصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي. اِنْ شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ “ جي مُطابِق زندگي گذارڻ جو مدني ذهن ڏيڻ آهي.

اللہ کرم ایسا کرے تجھ پہ جہاں میں
اے دعوتِ اسلامی تیری دُھوم مچی ہو

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعالٰی عَلٰی مُحَمَّد



www.dawateislami.net

## 12 مدني ڪمن ۾ حصو وٺو!

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان کي بہ نيڪي جي ڪمن ۾ حصو وٺڻ، نيڪيون ڪرڻ گُناهن کان بچڻ، ٻين کي بچائڻ ۽ نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جي لاءِ ذيلي حلقي جي 12 مدني ڪمن ۾ اڳتي وڌي ڪري حصو وٺڻ گهرجي. ذيلي حلقي جي 12 مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم هفتيوار”مدني مُذاڪرو“ بہ آهي. ماڻهن ۾ عِلم و حڪمت جا مدني گُل لٽائڻ، انهن جي تربيت ڪرڻ ۽ علمِ دين سيکارڻ بُزرگانِ دين رَحِمَهُمُ اللّٰهُ الْمُبِين جو معمول رهيو آهي. بُزرگانِ دين جو هڪ تعداد آهي جيڪو علمِ دين جي روشني ۾ ماڻهن کي هدايت جو سامان فراهم ڪرڻ لاءِ وقتًا فوقتًا مختلف طريقن سان علمِ دين سيکارڻ جي ترڪيب ڪندا آهن. عُلماءِ دين ۽ اَولياءِ ڪاملين جي صُحبت جو فيض، انهن جي بيان جي چاشني ۽ انهن جي ڪردار جي دِلڪشي هزارين ماڻهن جي لاءِ راهِ هدايت جو ذريعو بڻجندي آهي. انهيءَ سبب حضرت سَيِّدُنا حڪيم لقمان رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ جن پنهنجي صاحبزادي کي وَصيت ڪندي ارشاد فرمايو: اي منهنجا پُٽ! جڏهن تون ڪنهن اهڙي گروهہ کي ڏسين جو اهي الله عَزَّوَجَلَّ جو ذِڪر ڪندا هجن تہ انهن جي صُحبت اِختيار ڪر، ان لاءِ جو جيڪڏهن تون عالِم بہ هوندين تہ تنهنجو علم وڌيڪ فائدو ڏيندو ۽ جيڪڏهن تون جاهل هوندين تہ اهي توکي علمِ دين سيکاري ڇڏيندا ۽ جڏهن الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمتن جو وسڪارو انهن تي وسندو تہ توکي بہ انهن جي صُحبت ۾ هئڻ جي سبب ان مان حصو ملندو ۽ اهڙي مجلس ۾ نہ ويهجان جتي الله عَزَّوَجَلَّ جو ذِڪر نہ هجي، ان لاءِ جو جيڪڏهن تون عالِم بہ هوندين تہ تنهنجو علم فائدو نہ ڏيندو ۽ جيڪڏهن تون جاهل هوندين تہ انهن جي



www.dawateislami.net

صُحبت تنهنجي جهالت ۽ گمراهي کي وڌيڪ وڌائي ڇڏيندي. جيڪڏهن انهن تي غَضبِ الٰهي ٿيو ته انهن سان گڏ هئڻ جي سبب تون به ڦاسي ويندين. (روح البيان: ۱/۲۵۷) هڪ ٻئي مقام تي پنهنجي پُٽ کي وَصِيت ڪندي اِرشاد فرمايو: عُلما جي مجلس کي لازِم پڪڙ ۽ ڏاهن ماڻهن جي گفتگو غور سان ٻڌندو ڪر! ڇو جو الله عَزَّوَجَلَّ مُرده دل کي حڪمت جي نُور سان ايئن ئي زِنده فرمائي ڇڏيندو آهي جيئن ڪنهن زمين کي مِينهن جي وسڪاري سان زِنده فرمائيندو آهي. (السراج المنير: ۳/۱۸۵)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! توهان ڏٺو ته! رَئيسُ الحڪماء حضرت سَيِّدُنا حڪيم لقمان رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهُ جن ڪهڙا علم ۽ حڪمت ڀريا مدني گُل عطا فرمايا ته عُلماء جي صُحبت اختيار ڪرڻ گهرجي، انهيءَ ۾ فائدو آهي. عالِم هجي تڏهن به عُلماء جي مجلس سان جڙيل رهي ۽ جاهل هجي تڏهن ته ان تي لازِم آهي ته اهو عُلماء جي صحبت اختيار ڪري. علم ۽ حڪمت ڀري ڳالهين سان جتي فڪر ۽ نظر جي روشني حاصل ٿيندي آهي، اتي علمِ دين سکڻ جو ثواب به هٿ ايندو آهي. اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ شيخ طريقت، اميرِ اَهلسُنَّت، بانيءِ دعوتِ اسلامي حضرت علامه مولانا ابُو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَکَاتُهُمُ الْعَالِيَه به اَسلاف جي طريقي تي عمل ڪندي آسان اَنداز ۾ قرآن ۽ حديث جي روشني ۾ نه صِرف شَرعي سوالن جا جواب ارشاد فرمائيندا آهن بلڪ گهڻو ڪري قيمتي طِبّي معلومات کان آگاهي عطا فرمائيندا آهن، مشڪلاتن جا حل ارشاد فرمائيندا آهن، مختلف علمي مدني گُلن جي ذريعي انهن کي وڌيڪ مُنفرِد بڻائيندا آهن ۽ ڏسڻ، ٻڌڻ وارن جي دِلين ۾ خوفِ خدا ۽ عشقِ مصطفٰي جي شمع به (روشن) فرمائيندا آهن. شيخ طريقت، اَميرِ



www.dawateislami.net

اَهلسنَّت دَامَتۡ بَرَکَاتُهُمُ الۡعَالِيَه جي هر ڪوشش جو مقصد راهِ راست تا ڀٽڪيل ماڻهن کي راهه تي آڻڻ ۽ انهن کي سنتن جو پابند بڻائڻ آهي. اَلۡحَمۡدُلِلّٰه عَلٰی اِحۡسَانِهٖ بي شمار اسلامي ڀائر ۽ اسلامي ڀينرون توهان دَامَتۡ بَرَکَاتُهُمُ الۡعَالِيَه جي ان مدني مُذاڪرن جي ذريعي گُناهن کان تائب ٿي ڪري اسلامي تعليمات کي اپنائڻ وارا ٿي چُڪا آهن. اچو تہ! توهان جي ذَوق اَفزائي جي لاءِ هڪ مدني بهار ٻڌايان ٿو:

## فيشن پرست ڪيئن سڌريو!

لَيّہ شهر (صوبو پنجاب، پاڪستان) جي مُقيم هڪ نوجوان جو بيان آهي تہ آئون سنتن کان پَري فيشن جي نَشي ۾ چُور هئس، نوان نوان عجيب و غريب انداز وارا ڪپڙا پائڻ، فُضُول ڪمن ۾ پنهنجا قيمتي لمحا ضايع ڪرڻ منهنجو معمول هو. ذِڪرِ الٰهي کان بلڪل غافل ٿي چڪو هئس، نيڪين ڀري زندگي گذارڻ جو ذِهن ڪجھ هن طرح ٺهيو جو هڪ ڀيرو ”مدني مُذاڪرو“ ٻڌڻ جي سَعادت حصي ۾ چا آئي، منهنجي زندگي جو رُخ ئي بدلجي ويو. اميرِاَهلسنَّت دَامَتۡ بَرَکَاتُهُمُ الۡعَالِيَه جي آسان اَنداز ۾ بيان ٿيڻ واري بي شمار مَعلُومات جو ”اَنمول خزانو“ لُٽڻ جو سُنهري موقعو مليو، خوفِ خدا ۽ عشقِ مُصطفٰي جي روشني سان منهنجي ڪاري دل روشن ٿي وئي، گذريل زندگي تي شرمندگي ٿيڻ لڳي، مون پنهنجي بقايا زندگي کي غنيمت ڄاڻيندي فيشن جي نحوست کان جان ڇڏائي ۽ سنتن تي عمل ڪرڻ ۽ نمازن جي پابندي جو پڪو ارادو ڪري ورتو، جلد ئي مٿي تي سائو سائو عمامو شريف سجائي ورتو، ڏاڙهي شريف سان چهرو پر نُور ڪري ورتو ۽ نيڪين تي



www.dawateislami.net

اِستقامت حاصل ڪرڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي مُشڪبار مدني ماحول سان وابسته ٿي ويس. نيڪي جي دعوت جون ڌومون مَچائڻ جي جذبي جي تحت هر مهيني 3 ڏينهن جي مدني قافلي ۾ سفر منهنجو معمول بڻجي ويو. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ تحرير لکڻ وقت مبلّغ دعوت اسلامي جي حيثيت سان سنتن جي خدمت ڪري رهيو آهيان.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## 14، 15، 16 آگسٽ مدني قافلا:

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** سياڻي 14 آگسٽ آهي، ان ڏينهن ڪي الله عَزَّوَجَلَّ ۽ رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي فضل ۽ ڪرم سان اسان کي نعمتِ عظيم "يعني وطنِ عزيز ملڪ پاڪستان" نصيب ٿيو، بدقسمتي سان اڄ اِن نعمت جو شڪر ڪرڻ جي بجاءِ نه ڄاڻ ڪيترن گناهن جا بازار گرم ڪري ربِّ غفار جي ناراضي جو سامان ڪيو ويندو آهي، الله عَزَّوَجَلَّ سلامت رکي، اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه کي، جن قدم قدم تي هن اُمّت جي خيرخواهي ۽ رهنمائي فرمائي آهي، توهان ان موقعي تي به عاشقانِ رسول کي گناهن کان بچڻ ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جو شڪر بجا آڻيندي نيڪين ۾ گذارڻ جو مدني ذهن عطا فرمايو آهي.

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي ترغيب تي 14 آگسٽ تي ملڻ واري نعمت جي شڪراني ۽ نيڪي جي دعوت جون ڌومون مچائڻ جي لاءِ سياڻي اِنْ شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ! ڪيترائي عاشقانِ رسول 3 ڏينهن جي مدني قافلي ۾ سفر جي سعادت حاصل ڪندا، توهان به همّت ڪريو ۽ پاڻ کي مدني قافلي ۾ سفر جي پيش ڪريو.



www.dawateislami.net

جشنِ آزادي ۾ شڪراني جا نفل پڙهو ۽ شڪراني جي طور تي الله جي رضا جي لاءِ روزو رکو.

شيخ طريقت، اميرِ اَهلسُنَّت، باني دعوتِ اسلامي حضرت علامہ مولانا ابُوبلال محمد الياس عطار قادري رضوي ضيائي دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه فرمائن ٿا: جيڪي بہ اسلام سان محبت ڪندا آهن، پاڪستان سان محبت ڪندا آهن، اُنهن جي خدمت ۾ عرض آهي تہ توهان دعوتِ اسلامي وارن سان گڏ مدني قافلي ۾ مدني چينل تي وقت گذارين، سحري ڪن ۽ روزو رکن.

مزيد فرمائن ٿا جنهن جو خلاصو هي آهي: ڪجھ ماڻهو جشنِ آزادي ملهائي ڪري پنهنجي لاءِ بربادي جو سامان ڪندا آهن: مثلاً هوائي فائرنگ، ميوزيڪل پروگرام ڪيا ويندا آهن، قانون جي خلاف ورزي ٿيندي آهي، وڏيڪ شراب پيتو ويندو آهي، بيهوده ڊانس ڪيا ويندا آهن.

## ويهڻ جون ڪجھ سنتون ۽ آداب

مٺامٺا اسلامي ڀائرو! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. (مِشڪاة المَصابيح ، ج١ ص٥٥ حديث ١٧٥ دارالكتب العلمية بيروت)

سینہ تری سنّت کا مدینہ بنے آقا
جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

صَلُّوا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد



www.dawateislami.net

## اچو تہ ويهڻ جون سنتون ۽ آداب سماعت ڪريون!

❁...ويهڻ جي جڳهه زمين تي رکو ۽ گوڏن کي اُڀو ڪري ٻنهي هٿن سان گهيري ونو ۽ هڪ هٿ سان ٻئي کي پڪڙي ونو، اهڙي طرح ويهڻ سُنت آهي (پر ان دوران گوڏن تي ڪا چادر وغيره ويڙهي وٺڻ بهتر آهي) (مرآة المناجيح، ج٦، ص٣٧٨ ملخصاً) ❁... چارزانو (يعني پلتي هڻي) ويهڻ بہ نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان ثابت آهي. ❁...جتي ڪجهه اُس ۽ ڪجهه ڇانو هجي اتي نہ ويهو. الله عَزَّوَجَلَّ جي مَحبوب، داناءِ غُيوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جڏهن توهان مان ڪو ڇانو ۾ هجي ۽ ان تان ڇانو رخصت ٿي وڃي ۽ اهو ڪجهه اُس ڪجهه ڇانو ۾ رهجي وڃي تہ ان کي گهرجي تہ اتان کان اُٿي وڃي. (سنن ابي داؤد، كتاب الادب، باب في الجلوس بين الظل و الشمس، الحديث٤٨٢١، ج٤، ص٣٣٨) ❁...قبلي رُخ تي ڪري ويهو. (رسائل عطاريہ، حصه٢، ص٢٢٩) ❁...اعليٰ حضرت، امامِ اهلسنت، مَولانا شاه امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن لکن ٿا: پير ۽ استاد جي نشست (مَسند) تي انهن جي غير موجودگي ۾ بہ نہ ويهي. (فتاوٰي رضويه، ج٢٤، ص٣٦٩/٤٢٤) ❁... جڏهن ڪنهن اِجتِماع يا مجلِس ۾ اچڻ ٿئي تہ ماڻهن کي اورانگهي ڪري اڳيان نہ وڃو جتي جڳهه ملي اتي ويهي رهو. ❁... جڏهن ويهو تہ جُوتا لاهي ونو توهان جي پيرن کي آرام ملندو. (الجامع الصغير، الحديث٥٥٤، ص٤٠) ❁...مجلس کان فارغ ٿي ڪري هي دعا ٽي ڀيرا پڙهي ونو تہ گناه معاف ٿي ويندا. ۽ جيڪو اسلامي ڀاءُ مجلسِ خير ۽ مجلسِ ذڪر ۾ پڙهي تہ ان جي لاءِ ان خير تي مُهر لڳائي ويندي. اُها دُعا هي آهي:



www.dawateislami.net

سُبۡحَانَكَ اللّٰهُمَّ وَبِحَمۡدِكَ لَآ اِلٰهَ اِلَّآ اَنۡتَ اَسۡتَغۡفِرُكَ وَاَتُوۡبُ اِلَيۡكَ ترجمو: تنهنجي ذات پاڪ آهي ۽ يا الله! تنهنجي لاءِ ئي تمام خوبيون آهن، تو کان سوا ڪو معبود ناهي، توکان بخشش گهُران ٿو ۽ تنهنجي طرف توبه ڪريان ٿو.

(سنن ابي داؤد، ڪتاب الادب، باب في ڪفارة المجلس، الحديث ۴۸۵۷، ج۴، ص۳۴۷)

۞... ڪنهن عالِم با عمل يا متقي شَخص يا سيّد صاحب يا والدين جي اچڻ تي تعظيمًا اُٿي بيهڻ ثواب آهي. حڪيم الامّت مفتي احمد يار خان نعيمي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡغَنِي لکن ٿا: بزرگن جي اچڻ تي هي به ڪم يعني تعظيمي قيام (اٿي بيهڻ) ۽ استقبال جائز بلڪ سنتِ صحابه آهي.

(مرأة المناجيح، ج٦، ص۳۷۰، جمله منقول از سنّتیں اور آداب، ص۹۹، بتغير)

هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ جي **مڪتبة المدينه** جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب "**بهار شريعت**" حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب "**سنتين اور آداب**" هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو **دعوت اسلامي** جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

عاشقانِ رسول، آئیں سنت کے پھول
دینے لینے چلیں، قافلے میں چلو

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب!　　صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد



www.dawateislami.net

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ درود شريف

## (1) جمعه جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ مان گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيندي وقت اهو بہ ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن،[1]

## (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَ مَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سيدُنا انس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو شَخص اهو دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناه معاف ڪيا ويندا.[2]

---

1...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون،ص151ملخصًا

2...افضل الصلوات على سيد السادات،الصلاة الحادية عشرة، ص 65



www.dawateislami.net

## (3)رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو اهو دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[1]

## (4)هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سيدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْهُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللّٰہ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: انهي درود شريف کي پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تي نيڪيون لکندا آهن.[2]

## (5)ڇهه لک دُرُودشريفن جوثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْهَادِی ڪن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[3]

---

1 ...القول البديع،الباب الثانى، ص277،

2 ... مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فى كيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305

3 ...افضل الصلوات على سيد السادات،الصلاة الثانية والخمسون،ص149



www.dawateislami.net

## (6)قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَ تَرضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهي ڪري صَحابَہ ڪرام رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: اهو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ ائين پڙهندو آهي.[1]

## (7) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

**شافعِ امم** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جن جو** فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هيئن درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[2]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!     صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

---

1...القول البديع، الباب الاول، ص125

2... الترغيب والترهيب، ج ۲، ص ۳۲۹، حديث ۳۱



www.dawateislami.net

## (2) هر رات عبادت ۾ گذارڻ جو آسان نسخو

غرائب القرآن صفحه 187 تي هڪ روايت نقل ڪئي وئي آهي ته جيڪو شخص رات ۾ ٽي ڀيرا هي دعا پڙهندو ته ان جڻ شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو لهٰذا هر رات هي دعا پڙهڻ گهرجي. دعا هي آهي:

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

”يعني خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي.“

(فيضانِ سنّت ج اوّل، ص 1163، 1164)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد



www.dawateislami.net